SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

# سي سڀ سانڍيم ساهه سين



موتي پرڪاش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شير علي چانڊيو
30.9.97

# سي سپ سانڍيم ساهه سين

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

موتي پرڪاش

سچائي اشاعت گهر- ڏڙو
١٩٨٩ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ڀارت جي ساهتيه اڪيڊمي طرفان انعام يافته ڪتاب

(حق ۽ واسطا محفوظ)

ڇاپو : .... .... .... ڀهريون (سنڌ ۾)
ڇپائيندڙ: .... .... .... يوسف سنڌي
تعداد : .... .... .... هڪ هزار
ٽائيٽل : .... .... .... هرجي مل
ڇپيندڙ: .... .... .... سهٽي پرنٽرز، الهنڌ و ڪچو، حيدرآباد سنڌ.

قيمت : =/35
آفسيٽ پيپر ۽ پڪي جلدسان: =/55

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شير علي
30997
30997

| | |
|---|---|
| فهميده | حميده |
| پارس | سرمد |
| ارم | گوري |
| سياڳي | ديوانند |
| ظاهرا | ماهرا |
| يوسف | ندر |
| احسان | مجيب |
| اِرما | صنم |
| مومل | سومل |
| امرڪلا | مهاويد |
| رابيلا هما | شهباز |

پره سارنگ ۽ سنڌو

۽

سنڌ جي نئين نسل جي نانءِ!

م. پ.

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH GASIMASAU

# پنهنجي پاران....

نومبر ۱۹۸۴ع ۾ تقريباً ستٽيهه سالن کانپوءِ موتي پرڪاش ۽ سندس گهر واري ڪلا پرڪاش پنهنجي اباڻي وطن جا وڻ ڏسڻ لاءِ سنڌ آيا. هو جڏهن هتان ويا هئا ته اڃان ننڍا ٻار هئا ڪين دنيا جي لاهين چاڙهين جي ڪا گهڻي خبر نه هئي پر جڏهن واپس آيا ته هو ٻن ٻارن سنڌو ۽ سريڪانت جا ماءُ پيءُ هئا، سنڌن سينڌ سنڌوءَ جي جدائيءَ جي فراق ۾ اڇي ٿي چڪي هئي ۽ هو دنيا جي ڪيترين ئي لاهين چاڙهين کان واقف ٿي چڪا هئا ۽ هو ان عظيم سانحي کان به واقف ٿي چڪا هئا جنهن جي ڪري ڪين وطن جا وڻ ڇڏڻا پيا.

پر هو سدائين جي لاءِ نه آيا هئا پر فقط چوڏهن ڏينهن لاءِ .... اجازت وٺي آيا هئا، پنهنجي وطن گهمڻ جي اجازت!

۽ هي ڪتاب انهن چوڏهن ڏينهن جي واقعن جي هجومَ جي روئداد آهي جيڪو دادا موتي پرڪاش ڏاڍي سِڪَ ۽ اڪير مان پنهنجن پيارن مارن جي ياد ۾ لکيو هو جنهن جو اظهار هُنَ پنهنجي هڪ خط ۾ مونکي ڪيو. ”ڪتاب ظاهر ٿيا ته سمجهيوسين سنڌ جيجل جو قرض ڪي قدر لاٿوسين ۽ پنهنجي نمائي ڍنگ سان دوستن وٽان ملڻ اٿاهه قرب جي ٿوري موٽ ڏنيسين.“

هي سفر نامون سنڌ جي سفر کان موٽڻ کانپوءِ ترت لکيو ويو هو ۽ سنڌ ۾ ڇپائڻ لاءِ جناب ظفر حسن کي موڪليو ويو هو پر هو صاحب ڪن مجبورين ڪري مسلسل ڇهن سالن تائين ڇپائي نه سگهيو ۽ ان وچ ۾ آهو ڀارت ۾ ڇپجي ويو ۽ گذريل سال جڏهن محترم عبدالغفور ميمڻ انڊيا ويو هو ته

ٻين ڪتابن سان گڏ موتي ۽ ڪلا جي ڪتابن جا ڪمترائي سيٽ دوستن يارن لاءِ ڪٺي آيو ۽ اهي ڪتاب ڪلا ۽ موتيءَ جي دلي خواهش هوندي به اول سنڌ ۾ ڇپجي نه سگهيا.

۽ هاڻ جڏهن هي ڇپجي رهيو آهي ته جيتري خوشي مون کي محسوس پئي ٿئي اوتري شايد ليکڪ کي به نه ٿئي، تقريباً چاليهن سالن کان پوءِ آئون پنهنجي هڪ ڳوٺائيءَ ۽ هند – سنڌ جي سنڌي ادب جي اُفق تي چمڪندڙ ادبي ستاري جو ڪتاب سندس خواهش موجب سنڌ ۾ ڇپائي رهيو آهيان جنهن جو اظهار هن پنهنجي هڪ خط ۾ ڪيو: "منهنجي ئي ڳوٺ جو اديب ۽ ادب جو شائق ۳۹ – ۴۰ سالن بعد مونکي ڇپائي ۽ منهنجي سڃاڻپ ۽ ڪلا جي سڃاڻپ اسان جي ڪتابن جي وسيلي منهنجي ڳوٺ واسين سان ڪرائي، ان کان وڌيڪ خوشي ڪهڙي ٿيندي؟ اسان نهايت صادق جذبي سان سنڌ جو قرض چڪايو آهي، موٽ قرض چڪائڻ بعد ته ملندي ڪانهي اوهان اسان کي پنهنجي بي غرض پيار ۽ خلوص سان مالا مال ڪيو آهي."

هن ڇاپي ۾ هند جي ڇاپي جي ڀيٽ ۾ ٻن شين جو واڌارو آهي. هڪ سنڌ جي سفر جون تصويري جهلڪيون ۽ ٻيو مهاڳ جيڪي هند واري ڇاپي ۾ ڪونهن!

جيتوڻيڪ هتي دادا موتي پرڪاش جو روايتي تعارف ڪرائڻ مناسب نه ڪونه ٿو لڳي پر پاڙهڪن جي ڄاڻ لاءِ سندس ادبي جيون بابت ڪي جهلڪيون پيش ڪيان ٿو.

دادا موتي پرڪاش جو جنم ۱۹۳۱ع ۾ منهنجي ڳوٺ دڙو ضلع ٺٽو ۾ ٿيو. اڃا ٻارهن سالن جو هو جو هن جو پهريون شعر 'گلستان' نالي ٻارن جي رسالي ۾ شايع ٿيو، پوءِ اڳتي هلي هن پاڻ ٻارن لاءِ 'ٻال سنديش' نالي مخزن شروع ڪئي پر ورهاڱي ٿيڻ جي ڪري ان جو فقط هڪ پرچو شايع ٿي سگهيو.

جن ۾ ڪلا، موتي، هري مولوائي وغيره شامل آهن جن مان ڪلا جو سنڌ جي سفر جا تاثرات شايع ٿي چڪو آهي، موتيءَ جو اوهان جي هٿن ۾ آهي ۽ ڪاڪي هريءَ جو ڇپجي رهيو آهي.

پر ان سڄي عرصي ۾ پاڪ ۽ هنڌ جا ڪيترائي اردو اديب بنا ڪنهن مذهبي فرق جي ائين ايندا ۽ ويندا رهيا آهن جيئن ڪو ماڻهو حيدرآباد کان ڪراچي ايندو آهي، انهن سڀني اردو اديبن جو سرڪاري طرح آدر ڀاءُ ڪيو ويندو آهي هو صدر مملڪت ۽ وزير اعظم پاڪستان سان ملاقاتون ڪندا آهن، 'اڪيڊمي آف ليٽرس' جو غلام رباني آگرو کين استقباليه ڏيندو ۽ سڄو ملڪ پيلائيندو وتندو آهي پر اها پابندي فقط هنڌ جي سنڌي اديبن لاءِ ڇو آهي؟ اسان سڀني اديبن توڙي ادب دوستن کي هڪ آواز ٿي اهو مطالبو ڪرڻ گهرجي ته هنڌ جي سنڌي اديبن کي به اهڙيون سهولتون ڏيڻ کين جيڪي هنڌ جي اردو اديبن کي ڏنيون وڃن ٿيون.

هن ڪتاب کان پوءِ داد جا پيا ڪتاب به ڇپائي پڌرا ڪبا، دادا هينئر دبئيءَ ۾ رهندو آهي ۽ انڊين هاءِ اسڪول جو پرنسيپال آهي. ٿل جڙيو هجي!

جيئي سنڌ

**يوسف سنڌي**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏوريان ته به نه ترن، سوس ٿيا جي سون ڪان،
ٻول تنهين جا ٻات ۾، ٻهه ٻهه جڳ ته ٻُرن،
جن سان روح رلي ويو، چوريان ته به نه چون،
جي هينئڙي منجهه هون،
سي سڀ سانڍيم ساهه سين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## سفر کان اڳ ...

— آگسٽ ١٩٤٧ع ۾ اُپکنڊ ۾ وڏو زلزلو آيو. ڀپ ۽ هراس جو راڪاس ڪراچي شهر کي آهستي آهستي ڳڙڪائيندو ٿي رهيو. مان اُن وقت ڪراچيءَ ۾ پنهنجي پڦيءَ جي گهر ۾ رهندو هوس ۽ اُتي سنڌي هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هوس. ان ڏينهن ڪراچيءَ ۽ منهنجي ڳوٺ دڙي جي وچ جو اٽڪل هڪ سؤ ميلن جو مفاصلو هو، سو طئه ڪرڻ ۾ ٻارهن ڪلاڪ لڳندا هئا. مونکي ائين لڳو هو ته اُن مفاصلي جو وقت وڌي وڃي ٻارهن سال ٿيو هو!

بابي لکيو هو ته ٿنهنجي ڳوٺ اچڻ جو ضرور ڪونهي. ملڪ جون حالتون خراب ٿي ويئون آهن. اسين به لڏڻ جون تياريون ڪري رهيا آهيون. تون اسان لاءِ نه ترس ۽ اُتان ئي پنهنجي پيٽولي سان بمبئيءَ هليو وڃ.

مون بابي کان خط لکي پڇيو، "منهنجي ڪتابن جي پيٽيءَ جو ڪهڙو بندوبست ٿا ڪريو؟ اُها منهنجي پڙهڻ واري ڪمري ۾ آهي."

بابي جواب موڪليو، "تون خيال نه ڪر. اُها پيٽي ڪٺي اچي سگهياسين ته ڪٺي ايندا سين. ٿنهي جاين جي قلفن جون چابيون دوست عبدالله ٿلهاريءَ کي ڏيئي ٿا اچون، جيڪو جاين جگهين ۽ سامان جي پوري سنڀال ڪندو ...... جيستائين اسين واپس اچي وينداسين."

— آڪٽوبر ١٩٨۴ع ۾، سنڌ جي عوامي ڪلاڪار عابده پروين، دبئيءَ ۾ آئي. سنڌي محفل ۾ سندس واقفيت ڏيندي چيو: ’عابده فقط سنڌ جي نه، پر هند جي به فنڪاره آهي. فنڪار هجڻ به ڪنهن هڪڙي ملڪ جو نه ٿيندو آهي. اهو مذهب ۽ ملڪ جي سرحدن جي تنگ نظريي کان مٿي اڀري ويندو آهي... عابده، شاهه لطيف کي نهايت صدق، سچائيءَ ۽ جذبي سان ڳائي ٿي ۽ شاهه لطيف سڀني سنڌين جو شاعر آهي، اهي چاهي دنيا جي ڪهڙيءَ به ڪنڊ ۾ هجن... عابده جو راڳ، سنڌ جي ڌرتيءَ جي اپج آهي ۽ سنڌ جي ڌرتيءَ هميشه محبت، ڀائيچاري، ميل ميلاپ ۽ انساني برادريءَ جو پيغام ڏنو آهي... عابده ۽ اسانجو ناتو ٻوليءَ ۽ ثقافت جو ناتو آهي ۽ اهو ناتو اٽوٽ آهي...‘

لڳو ٿي ته مان دبئيءَ ۾ نه پر اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه سڀا جي ڪنهن وڏي ميڙ ۾ تقرير ڪري رهيو هوس!

— ياءُ واشو شراف جو فون آيو، ”سائين، اوهانجي ويزا ملي وئي.“

منهنجيءَ دل جي ڌڙڪڻ بيهي وئي، ”سچ؟“

مونکي نه هن تي اعتبار آيو ۽ نه پاڻ تي. ويزا ائين مهيني ٻن جي ڪوشش سان ڪيئن ملي ويندي؟ ڳالهه ته اڻ ٿيڻي هئي!

”پر ويزا فقط ڪراچيءَ جي ملي آهي. اوهان حيدرآباد ۽ سکر لاءِ به ويزا جي گهر ڪئي هئي، پر اُها ڪانه ملي.“

”مان پنهنجو ڳوٺ نه ڏسي سگهندس؟“

”ڳوٺ وڃي رات جو موٽي اچڻو پوندو.“

دل ۾ چيمر تہ اِهو ڪيئن ممڪن آهي؟ ساڻ ستيهن سالن بعد پنهنجي جنم ڀوميءَ تي قدم رکندس، اِهو وسارڻ ممڪن ڪٿي آهي؟ پلا جيڪڏهن بلڊپريشر وڌندو رهيو ۽ منهنجي دل ٽٽي پيئي تہ ڇا منهنجي لاش کي، هن ويزا تي سنڌ وڃڻ جي اجازت ملندي؟ جيڪر ڊاڪٽر منهنجي دل بدلائي سگهي ها ۽ نئين دل ۾ وطن جو داب ضابطي هيٺ رکي سگهجي تہ گهٽ ۾ گهٽ سنڌ وڃڻ جي پڪ تہ ٿيئم ها!

ڊاڪٽر صلاح ڏني، ”ٻہ ٽي ڏينهن، منجهند ۽ رات جو ڪاموز جي هڪ گوري وٺو. ٺيڪ ٿي ويندؤ.“

ٻئي ڏينهن بلڊپريشر ٩٧-١٤٠ ٿيو.

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻين موٽرن ۾ ۽ همراه پنهنجي گاڏين ۾. ستن موٽرن جو قافلو آهستي اڳيان وڌيو.

مون دل ۾ چيو، ”١٩٥٤ع ۾ جڏهن اسانجي شادي ٿي، تڏهن هڪ ڪار ڏينهن جي ڀاڙي تي ورتي هئيسين. شاديءَ جي سانن، سڳڻن بعد، هال مان گهر تي موٽياسين ته ڪار ۾ ڪل ڇهه ڄڻا هئاسين. منهنجي ڀيڻ لڇمي، منهنجو پيٽڙيو ڄيٺاڻي، دوست ٺاڪر چاولا، ڪملا ۽ مان ۽ ڊرائيور. هن جلوس ۾ نه ايترا ماڻهو هئا جيترا اسانجا ڄاڃي ۽ ڪين هئا.“

ڪارون هڪ ٻئي جي پٺيان رستن تان هلنديون رهيون. مون پاڻ کي ڇهن پڪ ڪئي ته موجود هوس، پر اِها ڪل ڪانه پيئي ته ڪملا ۽ موهن هئا، ڪي نه هئا. جي هئا ته ڪٿي هئا ۽ جي نه هئا ته ڪٿي گم ٿي ويا هئا.

پاڻ کي گم ڪرڻ ۽ گم ٿي وڃڻ، ڳولڻ ۽ پائڻ، ڳوٺن ۽ شهرن ۾، يارن دوستارن جي سنگ ۾، اسانجو سفر شروع ٿي ويو هو ... سرهاڻ جو سفر.

## ”هي منهنجو گهر آهي!“

١٧ نومبر صبح جو تيار ٿيڻ ۾ ٿي صبح جا يارهن لڳي ويا. رات بستري تي ليٽڻ کان اڳ، گلشن اقبال ايراضيءَ جي پوليس ٿاڻي تي رپورٽ ڪرڻ لاءِ وياسين ته هنن ٻڌايو ته اول پوليس هيڊڪوارٽرس جي دفتر ۾ وڃي هڪ فارم ڀري صحيح ڪرائي پوءِ ايراضيءَ جي پوليس اسٽيشن تي اچي رهيل فارملٽي پوري ڪرڻي آهي.

نڪرڻ کان اڳ مون بشير کان پڇيو، ”ڇا ڪالهه ڪي ٻه پوليس اسٽيشن تي ويا هئاسين؟“

چيائين، ”نه. ضرور ڪونهي.“

مون کي تعجب لڳو. چيم، ”ڏوهارين جي يادداشت ۾ ڪالهه جو ٻه نه ٿيو آهي.“

”ان جو فڪر نه آهي. ڏوهه تنهنجو آهي جو هن کي ساڻ وٺي آيو آهين. ڏوهه هن جو ڪونهي جنهن توسان شادي ڪئي اٿس.“ هن دستوري انداز ۾ ٽهڪ ڏنو.

پوليس هيڊڪوارٽرس ۾ پهتا ته اول بشير کي جيڪو پناهه پهريدار گڏيو، تنهن ڪسي هن سلام ڪيو. بشير جي شخصيت اهڙي آهي جو ڪٿي به ڏوڪي ويندو ته ڪيس ڪو مشڪل سان روڪيندو. هرڪنهن سان مرڪندو، هٿ ملائيندو، خوش خيرعافيت ڪندو، ڇا به اهڙي جڳهه ته ساڻن ڪان سڃاڻيس. سلام ڪرڻ ۾ پيلا ڪهڙا نوٽ ٿا لڳن! اڳتي وڌياسين ته پارٽي شهرين جي ڪاٽي واري دفتر ٻاهران

تي ڏيٺون. هن ٽورو مٿي نهاريو ۽ پوءِ رڙ ڪري چيو، ”اِجهو، هي منهنجو گهر آهي.“

موهن ڦٽ ڀاڃ تي هو ۽ اسين موهن جي پٺيان هئاسين اسانجي سامهون موهن جو اُهو گهر هو، جنهن کي هُو پنهنجو نه ڇٽي سگهيو ٿي پر اُن حقيقت جي ثابتيءَ پيش ڪرڻ لاءِ وٽس ڪو دليل، ڪو دستاويز، ڪا لکيت ڪانه هئي.

”هي منهنجو گهر آهي ... هي منهنجو گهر آهي.“ هُو چوندو رهيو ۽ روئندو رهيو. ڳوڙهن ڀريل اکين سان مون موهن جي ڪيفيت جاچي ۽ بشير لڙڪن کي مرڪ ۾ لڪائڻ جي جتن ۾ هو.

اُن وقت موهن مونکي ڇهن پنجن سالن جي هڪ ٻار جيان لڳو، جيڪو پنهنجي گڏي گڏيءَ جي گهر جي ڳولا ۾ ڪنڊ ڪنڊ ڦرندو رهندو آهي ۽ جڏهن اُهو ڪنهن هنڌ ڏسندو آهي ته رڙ ڪري چوندو آهي: هي منهنجو گهر آهي!

ڪاش، اسين گڏا، گڏيون هجون ها، جن کي گهر ملي ويندا آهن! پر نه. اسين ته اِنسان هئاسين، جن کي پنهنجو گهر ڳولهڻو پوندو آهي. اُن گهر کي سينگارڻ لاءِ اسين سپنا سانڍيندا آهيون. پوءِ ڪو زلزلو ايندو آهي، ڪو ٻر ڪرندو آهي، ڪا جنگ لڳندي آهي ۽ اسين پنهنجا گهر ڇڏي، ٻئي گهر جي تلاش ۾ نڪرندا آهيون... ڪڏهن ڪٿي، ڪڏهن ڪٿي ۽ بعضي ته گهر ڳولهڻ ۽ ڳولڻ جو رستو ڪنهن شمشان يا قبرستان ۾ وڃي ختم ٿيندو آهي ...



سليم ميمڻ ۽ عاشق عارباڻي موتي پرڪاش ڪان انٽرويو وٺندي.



ماهتاب محبوب، عابده پروين، ڪلا ۽ قمر تنوير.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



هوٽل جبيس ۾ ـــــ سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي طرفان دعوت.



هوٽل جبيس ۾ : قمر تنوير، ماهتاب محبوب، ڪلا ۽ مسز رميش چندر، محبوب، تنوير عباسي، موتي پرڪاش ۽ موهن گيهاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



ظفر حسن، رشيد ڀٽي ، اياز عالم ۽ ولي رام ولڀ
سان گڏ هوٽل جبيس ۾ -



پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهه جي گهر دعوت تي ڊاڪٽر
اياز قادري ، سليم ميمڻ ، موتي پرڪاش ، ڪلا ۽ موهن
گيهاڻي .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



ڪراچي ايئرپورٽ تي پھچڻ وقت-



عبدالغفور ميمڻ جي گھر ۾ سراج، موتي پرڪاش، يوسف سنڌي، موھن گيھاڻي، عبدالغفور، بلالي ۽ دستگير ٻيٺي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سائين اسانکي اُهرانڻ لاءِ بنگلي جي گيٽ تائين آ
ظفر جي نظر وري پٺاڻ ڊرائيور تي پيئي. سو سا
کان پڇيائين، ”سائين، اوهان پلا پاڻ وٽ غير سعدي ملا
ڪيئن رکيا آهن؟“
”آبا، ڇا ڪريون؟ سعدي ڊرائيور ڪونه مليو.“
”سائين، سڄيءَ سنڌ ۾ اوهان کي سعدي ڊرائيور ڪ
مليو؟“ ظفر جي سوال جي جواب ۾ سائينءَ وڏو ٽهڪ
سائينءَ اسان سان نهايت قربائتي انداز ۾ موڪلايو ۽ اس
سائٽس وري گڏجڻ جو انجام ڪري، موڪلائي، ظفر
ڪار ۾ ويناسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ”۲۷ پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندس“

بشير جي گهر جو ناشتو معمول اوهان مڇهڊ ۽ رات جي ماني هڪ ئي وقت کاڌي. انڪار ڪندءُ ته اوهانجي ٻيٽ جي قياس جوڳي حالت ڏسي ٺهڪ ڏيندو ۽ چوندو، ”سائين، هاڻي اِها زوراوري ڇڏيو. ناشتو ڪيئن نه ڪبو؟“

بشير کي ناراض ڪري، ڪانئس ظفر جي ڀاءُ انور حسن جي گهر وڃي رهڻ جو فيصلو ميانڻ مشڪل هو، سو رستو هڪڙو ئي هو ته ناشتو ٻڍو لي ڪري، ڪيس مـوُڊ ۾ آڻي موڪل گهرجي. اسين ۽ ياسين ناشتو ڪائيندا ۽ ڳالهه ڳالهه ۾، نهي نه نهي، ساڳيو ريڪٽ آلاپيندا، ۽ همراه هٿ ئي نه اچي.

”يلا ٻڌاءِ. اوهان کي ڪا تڪليف آهي؟“

”اصل نـه. ۽ يار دوست گهٽائي ملڻ چاهيندا ......“

”ته ٻوءِ پلي اچن. اسانجي چشمن تي.“

جڏهن ٻيٽ کي آڦرائي آنياسين تڏهن گهڻيءَ رد بدل کان پوءِ مس مس هڪ ڳالهه، ڪيس ميانڻ ۾ ڪامياب ٿياسين ته پلي يارن وٽ ڀ رهون ۽ هيڊڪوارٽر - وٽس ٿيندو ۽ هوٽل ۾ رهڻ جو ته سوال ئي نٿو اٿي!

مون ۽ موهن اِشارن ۾ هڪٻئي سان ڳالهايو ته بشير پنهنجو فيصلو ٻڌايو. ”ٻچاڙيءَ جو شرط اِهو ته ٻيئي سان گڏجڻ بعد آخر جا ڏينهن هتي رهندؤ ۽ ايئرپورٽ تي ڀ هتان ئي وڃڻو پوندو.“

”قبول“، اسان هڪ ئي آواز ۾ ميتا ڏني.

اسان سوچيو تہ قاضيءَ جي اڳيان، ٻي ڌر ھوندي ۽ ڌر قبول ڪئي آھي نہ تہ ڌر جي سزا ويندي آھي وڌندي. اسان جو جرم تہ معاف ڪرڻ جھڙو ئي ڪونہ ھو. مهمان ٻئي آيا ھئاسين ۽ ميزبان وٽ ھڪ ٻہ ڏينھن رھڻ بعد چوڻ شروع ڪيو ھوسين تہ ميزبان ٻيا ڳوليون.

ايتري ۾ ڊاڪٽر اياز قادريءَ جو فون آيو، ”سائين، آھيو ڪٿي؟“

”ھتي ئي.“

”فون ڪري ڪري ٿڪو آھيان. اسين بہ اوھانجي يادداشت ۾ آھيون ڪين نہ؟“

”اول اوھين.“

”تہ پوءِ ڪڏھن ٿا منھنجي دعوت قبول ڪريو.“

”جڏھن چئو.“

”چوان ان ڪري ٿو جو اوھين آھيو ٿورا ڏينھن ۽ ھتي سڀڻ آھن گھڻا، ڇڙھيت لڳي پئي آھي. متان اسين مسڪين وسري وڃون.“

”ائين ڪونہ ٿيندو.“ مون جواب ڏنو.

”تہ حال في الحال فيصلو اھو ٿا ڪريون تہ منگل ٢٠ نومبر تي ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي طرفان اوھانجي مرحبا ۾ گڏجاڻي ٿيندي. ساڳئي ڏينھن منجھند جي ماني ۽ رات جي ماني بہ اسان وٽ.“

بکنگ ھول سيل ھئي، صبح کان رات تائين. مون محسوس ڪيو تہ جيڪڏھن ڊائري ڪڍي الڳ الڳ ڏينھن جا پروگرام نوٽ نہ ڪيا تہ ھڪ ئي ڏينھن منجھند جي ماني ٽن وٽ تہ رات جي ماني ڇھن دوستن وٽ کائڻي

اُلمچنداڻي، لعل پشپ ۽ ايشور چندر جا سعد ۾ ڇپيل ڪتاب پڻ موجود هئا. ڪن ڪتابن جا ته اُلي هڪ ڪسان وڏيڪ ڇاپا به نڪتل آهن. هند جي سنڌي اديبن جي سعد جي سنڌين سان واقفيت ڪرائڻ جو شرف طارق اشرف کي آهي پر هاڻي نه سنڌيءَ جو ڪو رسالو يا مخزن نه ملندي، جنهن ۾ هندي-سنڌي اديب جي ڪا رچنا نه هجي.

اُدي عبدالغنيءَ پنهنجي اداري پاران ڇپيل ڪتاب سوکڙي ڪري ڏنا ۽ منهنجا چونڊيل ڪتاب ڀيڄائڻ جو وعدو ڪيو. ڪانئس موڪلايوسين ته چيائين، ”اسان وٽ پڻ ڪڏهن ته دعوت تي اُچو؟“

مون چيو، ”اُدا، گهٽ ۾ گهٽ هڪ ناشتو اوهان سان ڪندس.“

”جڏهن به سهوليت ٿيو ... مان پاڻ اچي اوهان کي وٺي ويندس.“

واچ ڏانهن نهاريم. شام جا ست ٿي ويا هئا. جهونا مارڪيٽ جا دڪان به بند ٿيڻ شروع ٿيا هئا ۽ خريدارن جي پيڙ به گهٽجڻ لڳي هئي.

گهڙيل آهي ۽ ڪير لڪي ڇپي ٻاهر وڃي رهيو آهي.“

ڪلا هئي ۽ يادگيرين جي وڏي هئي، جنهن ڪيس وڪوڙي ورتو هو ۽ ويٺي ٿي ڪيس گذريل وقت جي گهرائيءَ ۾ ڇڪيندي. اهو گذريل وقت ڪيترو نه رنگين، ڪيترو نه پيارو ۽ ڪيترو نه خوشگوار هو! هونءَ پلا اُن جون يادگيريون ڳوڙهن جي اُتل ڇو آڻين ها؟

اوچتو مونکي لڳو ته ڪلا عميق مان آخرين غوطو کائي ٻاهر آئي. نڙيءَ ۾ اٽڪيل لفظن سڏڪي جو روپ ورتو. هن جوان ۽ سندس پوڙهيءَ ماءُ ڏانهن نهاري چيو، ”مونکي هي گهر ڏسڻ جي آس هئي. اوهانجي وڏي مهرباني جو اوهه مونکي ڏيکاريو. شل هي گهر اوهان کي مبارڪ هجي!“

۽ پوءِ هوءَ پاڻ روڪي نه سگهي ۽ بي روڪ ڳوڙهن ۽ سڏڪن سندس من ۽ روح کي ٻڙڪائي ڇڏيو. مون ڏٺو ته گهر جا مالڪ سندس درد جو اندازو لڳائي سگهيا ٿي. پنهنجي گهر، پنهنجي شهر، پنهنجيءَ ڌرتيءَ کان الڳ ٿيڻ جي پيڙا ڪين ٻه سالن جا سال اُهڃاڻيو هو. اهڙو درد، پنهنجي گهر ۽ زمين کان وڇڙڻ جو درد، ڪنهن هڪڙيءَ قوم يا مذهب کي ورثي ۾ ڪين مليل آهي. هر انسان ماءُ کان جدا ٿيڻ جو سور لڪائڻ جي ڪوشش ته ڪندو آهي پر اُن سور وچان وهايل لڙڪ هن انتمي جڳ ۾ بدلجي نهڪ ڪڏهن ڪين ٿي سگهندا آهن.

اسين ڏاڪڻ لهي هيٺ آياسين.

# عابده پروين ۽ اجرڪ

ڀڳوانداس ۽ موهن کي انور جي گهر مان ڪٺي اسين عابده پروين جي گهر پهتاسين. گهر جي دروازي تي سنڌيءَ ۾ هڪ سائين بورڊ هو، جنهن تي لکيل هو: ’سارنگ لطيف جو گهر‘. اسان دروازي جي گهنٽي وڄائي ته عابده پاڻ اچي دروازو کوليو ۽ سندس ئي پٺيان آيو سندس شوهر غلام حسين شيخ.

عابده اسانکي پنهنجو گهر ڏيکاريو ۽ چيو ”ادا، اسانجو گهر سادو سودو آهي.“

مون دل ۾ چيو، ”ادي، نه فقط تنهنجو گهر سادو سودو آهي پر تون به سادي آهين. اسين سڀ سادا سودا آهيون، ڇو جو اسين سڀ سنڌي آهيون.

عابده اسانجي واقفيت پنهنجي پيرسن والد صاحب سان ڪرائي. هو پنهنجي وقت جو نالي وارو فنڪار هو. وٽانئس ئي عابده موسيقيءَ جا پهريان سبق سکيا هئا اڄ هوءَ سنڌيءَ جي سڀني کان مقبول گلوڪاره آهي.

عابده پروين ۽ شيخ صاحب سنڌي موسيقيءَ جو هڪ مثالي جوڙو آهي. ٻئي گڏجي سنڌي سنگيت جي بي بها خدمت ڪئي آهي. اهو بيان سنڌي ثقافت جي تواريخ ۾ وس ايندو. عابده شاهه لطيف جي شيدائي آهي ۽ پنهنجي موسيقيءَ جي محفل جي شروعات هميشه شاهه عبداللطيف جي ڪلام سان ڪندي آهي. شاهه جي ڪلام کي صدق ۽ سچي انداز ۽ درست تلفظ ۾ پيش ڪرڻ کان سواءِ عابده ۾

اِهو آهي جو ڪين ياڻط لاءِ او چڻ ڪونهي. وقت جي تقاضا آهي تہ عابده پنهنجي آواز جي جادوءَ سان هنن جي زخم جو علاج ڪري.“

عابده سنڌ جي درد ۾ هونءَ ئي ٻـڏي پيئي آهي ۽ اُن رات جيڪو ماحول پيدا ٿيو، تنهن کيس اُنوکي قوت ۽ نرالو احساس بخشيو. فنڪار فقط پنهنجي فن لاءِ ئي نہ، پر پنهنجي ديس لاءِ بہ لڙندو آهي، هوءَ پلي هتيار نہ کڻي. فنڪار جو هتيار سندس بـروش، آواز ۽ لکڻي آهي. هوءَ چپ چاپ پنهنجي قدردانن ۽ سنڌيت جـــي جذبي سان سرشار سڄڻن جا دليل ٻڌي رهي هئي. مونکي لڳو تہ هوءَ ۽ شيخ سنڌين جي درد ۾ ڏکي ٿيندڙ پنهنجي دلين تي مشڪل سان قابو پائڻ جي ڪوشش ۾ هئا.

موهن چيو، ”ميون ٿا تہ اِهو سؤرن جـو سفر آهي ۽ اِهو سفر تو پاڻ لاءِ چونڊيو آهي، عابده. تون سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ ۽ ثقافت جي لڄ آهين.“

مونکي محسوس ٿيو تہ دنيا جي ڏيـڍ ڪروڙ سنڌين هڪ ئي وقت هڪ شاهي اجرڪ عابده جي مٿي تي رکي ڇڏي هئي ۽ هن ڳوڙهن ڀريل اکين سان اُهـا قبول ڪئي هئي. مونکي اِهو بہ يقين ٿيو تہ عابده پل ڪهڙيءَ بہ ٻوليءَ ۾ ڳائي، سندس اجرڪ پلي ليڙون ليڙ ٿي وڃي، پوءِ بہ هوءَ اُن جي پت رکندي اِيندي.


Scanned with CamScanner

جي پورهيي کان فارغ ٿي گهرن ڏانهن موٽندا ڏٺاسين. اُهي ئي سڪل ڇهرا، گهنجيل پيشانيون، پگهر ۾ ٻڏل ڪپڙا. ڪنهن جي مٿي تي ڪاٺين يا گاهه جي ڀري ۽ ڪنهن جي اڳيان ڳائين يا ٻڪرين جو ڌڻ. البت ڪٿي ڪٿي ڪو سائيڪل تي سوار به هو. اڳتي سعد جي ڳوٺن ۾ سائيڪل به مشڪل ڏسڻ ۾ ايندي هئي. مونکي شاعر عبدالڪريم گدائيءَ جو ڪلام ياد آيو:

پورهيتن جا پار اُجا پيا ساڳيا ڙي

شام جو ڇهين بجي ڌاري جهرڪن پهتاسين. ڊاڪٽر عبدالحفيظ جي سرڪاري اسپتال ۾ اُتي هئي ۽ رهائش به اُتي. اقبال مون بيهاري هارن وڄايو ته ڊاڪٽر ڏيهن جي آخرين مريض کي ڏسي رهيو هو. هڪدم ٻاهر نڪري آيو ۽ قرب وچان گڏيو. پگوانداس ڪيس اڳ جو ڪو اطلاع ڪين ڏنو هو پر به هڪدم پنهنجي ڪوارٽرس ۾ وٺي هليو. اڪيلو هو سو سندس هڪ ملازم اسان کي چانهه ڦاهي پيتاري.

مون ڊاڪٽر کي چيو "ڊاڪٽر يار، مريض کي اَڌ ۾ ڇڏي ڪين آيا؟"

چيائين، "نه، سائين. پوري تپاس ڪري، دوا ڏيئي گهر موڪليو مانس. اوهين به ته وري ڪڏهن اچڻ وارا؟ اوهان جون ڳالهيون اسان پنهنجن وڏن کان ٻڌيون. اسين چاواسين، تنهن کان اڳ اوهين پنهنجا اجها ڇڏي ويا. اسين ته يتيم، يرال گهرن وارن گهٽين ۾ راند ڪري وڏا

هئي. پانڌبو هو تہ ڪلفٽن سوين ميل دُور آهي. ڪلفٽن جي ايراضيءَ ۾ تڏهن مشڪل سان ڪو بنگلو هو. اسين اُن گاڏيءَ مان لهي ڏاڪي وٽي گنبذ هيٺان ٿڌيل ڇيڄين لي ويهندا هئاسين. سامهون سمنڊ جي ڦوڪار ۽ گجگوڙ ٻڌبي هئي. لهندڙ، چڙهندڙ ڇولين جو نظارو دل کسي وجهندو هو. پوءِ ٽوليون ٽوليون ٿي وڃي سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ پير پسائيندا هئاسين.

هاڻي ڪلفٽن ڏاڍو بدلجي ويو آهي. اوچيون، اوچيون عمارتون ۽ رهائشي سوسائٽيون ٺهي ويئون آهن. سمنڊ جو شور غل ئي ختم ٿو ٿئي. سمنڊ تہ ڄڻ آسمان ٿي لڳي، ويو آهي. سائي گنبذ سان مسجد هئي يا ڪنهن پير مرشد جو مقبرو هو، جنهن جي ٻاهران پان بيڙيءَ جون ڪيبنون ۽ ننڍا ننڍا دوڪان هئا. ڪوهچي وارا ۽ گهوڙيسا بہ ڪيئي هئا، جن گاڏين تي پنهنجو سامان رکي ويو. قاضي صاحب، چيو تہ ٿوري دير تي ويئي آهي، هسونءَ هن هنڌ چڱو رنگ لڳندو آهي.

ڪار ۾ ئي وڃي ذوالفقار علي ڀٽي جي بنگلي ٻاهران لنگهياسين. بنگلي جي ايوان ۾ هڪ بجلي بلب ٻري رهيو هو ۽ ٻاهر فوج جو پهرو هو.

جڏهن اختر ۽ قاضي صاحب، قمر ۽ ظفر اسانکي هوٽل وٽ ڇڏي موڪلايو تڏهن رات جا ساڍا ٻارهن لڳا هئا.

ايندا ۽ موٽر رستي ڳوٺ هلبو. ان وچ موهن ڪراچيءَ جي ڪاڪ چالي موٽندو.

رات جي ماني ڊاڪٽر حميده کهڙو ۽ ڊاڪٽر حليم جي گهر هئي، جتي شمس ۽ نور الدين سرڪي به اچڻا هئا. اُنهي وقت سر پهتاسين ته مسٽر ۽ مسز پوپٽ شهاڻي به اچي ويا پر ڪاني لاءِ ڪين ٽرسيا.

سچ ته اِهو آهي ته اُن رات ڪانهي نان موٽندي، بستري تي ليٽي، نعت ڪرڻ جي بيحد ڪوشش ڪيم ها جن اکين ماهتاب ۽ محبوب جو سڄو ڏينهن اِنتظار ڪيو هو، تن کي ستيتهن سالن بعد ڳوٺ جون گهٽيون ۽ چونڪ ڏسڻ جي جذبي، اوجاڳي ۽ اُلڪي بنا ڪي نصيب نه ٿيو:

هاءِ هي اِنتظار جو عالم
هي سرءُ ۾ بهار جو عالم.
شال بيچين، بيقرار رهان،
پيارو پيارو آ پيار جو عالم.


Scanned with CamScanner

رجسٽر کولي منهنجي اڳيان رکيو ۽ اُن جا ورق اُٿلائڻ لڳو. منهنجي دل ڌڙڪڻ لڳي. اٽڪل اڌ صدي اڳ اُنهن مان هڪ ورق تي، جيڪو تڏهن نئون نڪورو ڪاغذ هوندو ۽ هاڻي بدلجي ميرانجهڙو ۽ ناسي ٿي ويو آهي، اُن وقت جي هيڊماسٽر منهنجو نالو لکيو هوندو. ڇا اهو ورق اڃا رجسٽر ۾ هوندو؟ ڇا منهنجو نالو اڃا به اُتي لکيل هوندو؟ ڇا منهنجي ننڍپڻ جي اُها يادگيري، ڪنهن ڪنڊ ۾، ڏندلي روپ ۾ ئي سهين، اڃا لکل هوندي؟

سائين وچ ۾ نشان پيل هڪ ورق منهنجي سامهون رکيو. منهنجو سڄو جسم ۽ روح اکيون اکيون ٿي ويو!

مون ڏٺو ... وري وري ڏٺو. اکين کي پوءِ به اعتبار نٿي آيو. لکيل هو:

جنرل رجسٽر نمبر ٦٠٧.
نالو شاگرد جو پورو - موتي لعل سکرامداس.
جمڻ جو هنڌ - دڙو.
جنم جي تاريخ انگن ۽ اکرن ۾ - ١٥-٥-١٩٣١ع پندرهين مي اوڻويهه سؤ ايڪٽيهه
اسڪول ۾ داخل ٿيڻ جي تاريخ - ٢٢-٥-١٩٣٦ع
درجو - ٻاراڻو.
اسڪول ڇڏڻ جي تاريخ - ٣٠-١١-١٩٣٦ع
اسڪول ڇڏڻ جو سبب - ڪراچيءَ ويو.

ڳوڙهن سبب منهنجون اکيون ڏنڌليون ٿي ويون. ٢٢- مي- ٣٦ع تي، جڏهن منهنجو بابو مونکي اسڪول ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ وٺي آيو هوندو تڏهن به مان رنو هوندس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڳوٺ جي گسن، چارن، گهٽن ۽ دڪانن کي ڏسڻ مان اڃا دل نٿي ڀائي. مون واچ ڏانهن نهاريو. اڌ تي وڳا هئا.

هڪ جوان، جو ڪيتري دير کان ميڙ ۾ هلندو آيو هو تنهن بي قابو ٿي چيو، ”اسانکي نعرا هڻڻ ڏيو.“

”نه“ سراج ۽ ڀڳوانداس ڪڙڪ جواب ڏنس.

هو مايوس ٿـي اسـان پٺيان آيو ۽ اسين ڪار ڏانهن وڌياسين. ڪار ۾ ويهڻ کان اڳ مون ڏانوڙي کان ڀاڪر پائي موڪلايو، ٻارن کي خدا حافظ چيو ۽ ائين جهڪي، ڳوٺ جي زمين جي مٽيءَ جي چپٽي کڻي پيشانيءَ تي لڳائي.

ڳوٺ جي وشال آڪاس ۾ تارا ٽمڪي رهيا هئا ۽ چنڊ ڏسڻ ۾ نٿي آيو. بجلي بلب ڏنڌلا ٿي ويا هئا. سوڙهيون گهٽيون، سوڪڙ ۽ ڪسڪڻ لڳيون. مون پنهنجيءَ پسوڻ تي حسرت ڀري نگاه وڌي ۽ باقي بچيل ڳوڙهن سان کيس الوداع ڪئي ......

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هئا. علي محمد جيڪڏهن ريڊيو ۽ ٽي وي ۾ جو مشهور فنڪار آهي ته گهٽ سنڌس پٽ به نه آهي. ٻنهي ڏاڍا سريلا آهن ۽ صحيح معنيٰ ۾ لوڪ ڳائڻا آهن.

علي محمد منهنجي هڪ وائي سُر مارئيءَ ۾ پيش ڪئي:

منهنجو موڳو من موهي ويا مارو ٿرا.
اُٺن ويڙ اوڙ جي، آسر ڏيئي اُٺن.

سُر ڪوهياريءَ ۾ هن جيڪا منهنجي بي وائي پيش ڪئي سا به نهايت موزون انداز ۾ ۽ جذبي سان ڳائي هئي.

پيرو منجهه پڏي، هڙ جي ويا اوچتو.
ڇني ڇوريءَ سان ويا گونڌر منجهه گڏي.
ڪاهي ڪوهيارل ويا، کهڙيءَ لوڪ لڏي.

اُن بعد ٽوليءَ پيش ڪيو منهنجو هيءُ غزل:

نگاهون، ادائون اشارا نه هوندا،
حياتيءَ جا سهڻا سهارا نه هوندا.

سنڌ جا لوڪ فنڪار سنڌيت جي جذبي سان سرشار آهن، ان ڪري هر محفل ۾ اهڙو هڪ به ڪلام ضرور پيش ڪن. ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ جي ماڻهن جي زندگي ۽ ٻوليءَ سان لڳاءُ جو اظهار سنڌ جي شاعرن به ڀرپور نموني ڪيو آهي. اهڙن شاعرن ۾ اسانجي ٽڙ جو شاعر آهي غلام حسين رنگريز. سنڌس به ڪلام، جيڪي خاصخيليءَ ۽ سنڌس ٽوليءَ پيش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيا سي نهايت دل لوڏيندڙ هئا. ڀيرو ٻيون ڪلام هو:

ماڻهو موتيءَ داڻا هئا، ڏاڍا ساهه سڀاڻا هئا،
هوش، هيمون، دريا خان.
سورهيه تي ساماڻا هئا — ماڻهو موتيءَ داڻا هئا.

ٽيون هو گيت، جنهن سنڌ جي سنڌين جي دل جي
ڀرپور تصوير ٿي چٽي:

نه ڄاڻان نه ڄاڻان، نه ئي ڳالهه ڄاڻان،
رڳو سنڌ ڌرتيءَ کي ڄاڻان سڃاڻان.
ڏمرو، ڏاڍو، ڏاڍو، ڏنو ڏيهه وارن،
ڏهڻا ڏات جا پڻ نه ڪنهن پڻ اُجهاڻا.
جيئي سنڌ سائين، جيئي شل سدائين،
وسن شل ٻلاول، پٺائيءَ جا پاڻا،
اِهي ڪوٽ رنگريز ٻاڦي نه رهندا،
اُٿل ٻٽجي ايندا سڀي ڏيهي ڏاڏاڻا.

نهايت سادن لفظن ۾، سنڌ جي پيڙا جو ڀرپور پڌرو بيان
هو؛ سيني نه فقط شاعر رنگريز کي داد ڏنو، جيڪو اُن
محفل ۾ موجود هو، پر ڳائيندڙن ٽان به گهوريون گهوريون.
سمورو پروگرام رڪارڊ ڪري ڪشميت مونکي سوکڙي
ڪري ڏني وئي.

موسيقيءَ جي محفل بعد سيني جي کاني جو انتظام به
مکڻ لال وٽ هو. ماني ۾ ڪاڌيسين، رهاڻ ٻه ڪئيسين،
مکڻ لال ۽ سندس ڀائر وڏا ڏوٽا ڪندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شمع، راڳ ۽ رهاڻ جي محفل رات جو نهايت دير سان پوري ٿي. پوءِ اُجرڪون ڳچيءَ ۾ پيشون ۽ سڀاڻين سوکڙين سان ڀري چڙهيو. پوءِ پاڪر پيا، همت هٿن ۾ آيا ۽ دليون الوداعيءَ جي درد سان تار ٿيون. بلاول ۽ پناڻيءَ جي پونءِ ڪان جدا ٿيڻ جو غم ڪٺي ڪار ۾ ويٺاسين.

ڪراچيءَ ۾ ٻه ڏينهن اک ڪلي. انهن لڳو ته وقت ۽ جاڳ منهنجي سپني کي حقيقت جهڙي پٿرائين پهاڙ تي سٽي، پرزا پرزا ڪري ڇڏيو هو ۽ مان هوس جو اُن ڇيهون، ڇيهون ٿيل سپني کي ميڙي سيڙي سان لڳائي رهيو هوس!

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مرحبا جو سوچي رکيو هوسين ۽ چونڊ ٻيلائيڊس اوهانکي ڏيکارڻ لاءِ کڍي، پاسيرا کري رکيا هئا سين. اِهو موقعو نہ اوهان ڏنو ڪين ... ٻہ هاڻي گڏ آهيون ۽ اوهان سان خوب ڪچهريون ڪبيون."

جلسو شروع ٿيو. انور پيرزادي مائيڪ جي اڳيان بيهي، حاضرين ۽ اسانجا ٿورا مڃيا ۽ شاهہ لطيف جي بيتن سان شروعات ڪئي:

سڄڻ ۽ ساٿيهہ، ڪنهن اٿاسي وسري،
حيف تنهين کي هوءِ، وطن جن وساريو.

۽ ...

ڪلمي پانئہ ڪنجرو، مٿو اُگهاڙو،
منهنجو ڪجاڙو، پيٺو هنن پنيور ۾؟

اَنور چيو تہ اسانجا پنهنجا سنڌ ڪنئي اِئين ڇڏي ويا. پوءِ بہ سنڌين دلين ۾ سنڌ جي يادگيريءَ جي شمع روشن آهي. اسين الڳ ٿي ويا آهيون ۽ اسانکي پنهنجن اديبن، مفڪرن ۽ دانشورن جي بہ پوري سڃاڻپ ڪانهي، ڇو جو ٻنهي ملڪن جي وچ ۾، اَدب جي مٽاسٽا آهي ڪانہ. حالت نهايت افسوسناڪ آهي.

اَنور اُن بعد ڪلاڪ موهن ۽ منهنجي تفصيلي واقفيت ڏني. مونکي عجب لڳو تہ اَدب جي مٽا سٽا جي سهوليت نہ هوندي بہ، هو اسانجي ڪتابن، ڪهاڻين، شعرن ۽ مضمونن کان بخوبيءَ واقف هو.

۽ مفڪر ويلا هئا، جن کي فقط اکي پڙهيو هوم. اهي جوان به هئا، جيڪي سنڌ جي آئينده جي اميد هئا. هنن مان گهڻن ته اسانجو نالو شايد ٻڌو ئي نه هو. هنن سڀني کي آتاولائي هئي ته ڀارت ۾ سنڌين ۽ سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت جي مسئلن کان واقف ٿين.

مون چيو، ”دوستو، ورهاڱي بعد جيڪي اسان تي ۽ اوهان تي گذريو آهي، سو جي اورڻ ويهبو ته داستان ٺهنجي پوندا ... اسان ستٽيهه سال جيڪو جدائيءَ جو درد ڀوڳيو آهي، تنهنجي اسان کي خبر. ورهاڱي جيڪي اسانجي پلئه ۾ وڌو تنهنجو هوبهو بيان، شاعر ڪرشن راهيءَ پنهنجن بيتن ۾ ڪيو آهي. اهي بيت جڏهن پڳونتي ناواٽيءَ، ڀوپال ۾ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جي سهاري ڪوٺايل سميلن ۾ ٻهريون پيرو ڳايا هئا تڏهن ٻين ۽ جوانن کان سيسڪارات پرجي ويا هئا ۽ زالون اوچنگارون ڏيئي رنيون هيون.

وطن جي لاءِ جان گهوري، پوءِ به توري،
سنڌين جان نه گهوري، وطن گهوري آئيا.

جيڪي هتي جميا، سي به سنڌي سڏيا،
سنڌي تي ٻه، سنڌ کي ڏسڻ کون سڪندا،
ڏارين وانگر جڏهن، سنڌ وڃي ڏسندا،
ماڻهو ائين چوندا ته سنڌي آيا سنڌ ڏسڻ!

مون بيت چئي حاضرين ڏانهن نهاريو. هنن جي نگاهن مونکي صاف ٻڌايو ته ڪرشن راهيءَ اسان سنڌين جي

موهن جي دڙي جيان دبجي، اوچا رهندا،
طوفان، زلزلا، سور ۽ سختيون سهندا،
هيمون ۽ جيان قاسي ڪانيندا،
۽ ٻه مرڪي، مرڪي ڳائيندا،
هي ڪڏندي ڪنڌ ڪپائڻ وارا سنڌي.

لڏهن سيني دل ڪولي داد ڏنو. پڇاڙيءَ ۾ فرمائش تي، مون پنهنجو نظم 'پريشاني' پيش ڪيو.

جلسي جي پڄاڻي. انور پيرزادي جي الوداعي تقرير سان ٿي. هن چيو، ”موهن گيهاڻيءَ جي تقرير اسان کي بيحد متاثر ڪيو، موتي پرڪاش جي تقرير اسانجي معلومات ۾ اضافو ڪيو ۽ ڪلا پرڪاش جي خطاب، جنهن نموني اسان جهنجهوڙ يو آهي، تنهنجو اظهار لفظن ۾ نٿو ڪري سگهجي...
پنائيءَ جو بيت اُن حالت لاءِ تز آهي:

هينئان، هوت پنهونءَ سان جي منهنجي ٿئي ملاقات،
تہ ٻانهون وجهي وات، روئان هوند رڄن ۾.“

ميڙ ختم ٿيو تہ ڪن آٽوگرافس ورتيون تہ ڪن آٽوگراف.
چانهہ پاڻيءَ جو بندوبست ڪراچي پريس ڪلب وارن ڪيو هو. اُن بعد دوست ٽڙڻ پکڙڻ لڳا.
هڪ دوست چيو، ”سائين، هڪ فوٽو ٿي وڃي.“
جيڪي بچيا هئاسين، سي گروپ ٿاهي بيناسين. اجا ڪئميرا جي ڪلڪ ٿيڻ واري هئي تہ هڪ جوان اندران وڙ ڪندو آيو، ”سائين، ترسو.“
ڪنهن پڇيو، ”اَبا، ڇو؟“

پاڪستان ٽي وي وارن کي فيض جي موت بعد ياد آيو. چون ٿا ته جڏهن ٽي وي وارا سندس گهر ۾ ڪئميرائون کڻي ويا تڏهن فيض صاحب جي بيگم هنن کي هڪالي ڪڍيو!

شمس سرڪيءَ جا تيار ٿيل لذيذ طعام کائي، اسان سيني کان موڪلايو. سائين جوڳي صاحب ۽ سوڀي گيانچنداڻيءَ سان ياڪر پائي الوداع ڪئيسين. اُن وقت مرحوم ليکراج عزيز جو شعر ياد آيو:

توسان ساجن سدا خداحافظ،
گڏ هجين يا جدا، خداحافظ،
توتان اکڙيون نثار، دل قربان،
جان توتان فدا، خداحافظ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دوستن جي دلين جي دروازن ۽ درين جا طاق اُپٽيا پيا هئا ۽ اسين ڪنهن ۾ گهڙي وڃڻ لاءِ آزاد هئاسين.

جڏهن سڀني کان موڪلايوسين تڏهن رات جا ساڍا نوَ لڳا هئا.

اُن رات، جبيس جي ٢١۴ نمبر ڪمري جي عارضي آکيري ۾، پنهنجي بستري تي پاسا ورائيندي، هڪ پکيءَ ٿڌا ساهه ڀري چيو "موتي، سڀاڻي مان پنهنجي ٻيهر جلاوطنيءَ جو وارنٽ وٺڻ لاءِ وڃڻو آهيان."

اُهو دٻيل سڏڪو موهن گيهاڻيءَ جو هو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شريڪ ٿيو. ڪلاءِ سليم به آدي پوءِ شهاڻيءَ جي گهر مان ٿي آيا. ڪلاءِ ڪمري ۾ ماهتاب ۽ محبوب، تنوير ۽ قمر ۽ رشيد پنيءَ کي ڏسي ٻوڏ ۾ پوڄي ويٺي.

اُن رات ، اچا اسان شعر و شاعريءَ جي محفل شروع ڪرڻ وارا هئاسين تہ تاج بلوچ ۽ اَنور بہ اچي پهتا. محبوب هو جو هڪ ڪن ٻاهر ۽ ٻيءَ ڪن اندر. بيٺري کي سڏي پيو هدايتون ڏئي. ڪڏهن چانهہ اچــي، ڪڏهن ڪولا اچي، ڪڏهن سگريٽ اچن. هوٽل جا بيٺرا محبوب جا پرستار ٿي لڳا. شين جا هول سيل خريدار مون ڏٺا هئا پـر محبوب تہ هوٽل جو هولسيل خريدار هو!

محفل جو رنگ متو تہ تـاج پنهنجو اڻ ڇپيل مجموعو ’خوشبوءِ جو زهر‘ ڪڍيو ۽ تنوير پنهنجون دستخط ڏيڪاريون. هڪ هٿي شاهہ عبداللطيف جي شاعري تـي هڪيل سندس ڪوج جو ٻيون ڀاڱو ۽ ٻيو هو سندس شعر جو چوٿون مجموعو. هن چيو، ”واهسيءَ ۾ حيدرآباد ۾ پبلشر کي ڏيندو ويندس ۽ اُميد تہ ٻئي ڪتاب مهني، ٻن ۾ شايع ٿي ويندا.“

’تاج پنهنجو آزاد نظم پڙهيو:

زندگي.
روز سانڍهيون ٿي نيون بدلائي
هن جي چپڙن تي نوان رنگ رچن
هن جي پلڪن تي چمڪ پڻ گهايل،
نيڻ ميخاني جون ماڻيون گهاٽيون،
هٿ ميندي‌ءَ ۾ رتل.
۽ نميڻ ڪدوار جيان

ٿي محفل ۾ ڀلائي وئي. عابده ڏاڍي ٿڪل هئي ڇو ته قمر جي فرمائش پوري ڪرڻي پيس ڪالهه ڏينهن وٺي ته سندس ٿڪ به ٿڪجي ويو. ماهتاب ۽ محبوب، ارم کي آڌي آڌر جن وقت موٽي آيا هئا ۽ عابده ۽ شيخ صاحب به گهر ۾ ٻارن کي ڇڏي آيا هئا، سو چار ٿي اٿي کڙا ٿيا.

ماهتاب چيو، "سڀاڻي وري ايندا سين."

رات جو اٽڪل ڏيڍ بجي اسانجي محفل پوري ٿي. لدواڻ، قمر ۽ رشيد به موڪلايو.

اسين بستري تي ليٽياسين پر محسوس ٿيو ته گيت، سنگيت، مرڪ ۽ ٽهڪ جو رنگين ماحول اوچتو اداس ٿي ويو. اُن ويل نارائڻ شيام جو ترائيل دل تي تري آيو:

زندگي تو ٻنا اداس اداس
جيئن سنسان شام هوليءَ جي،
رنگ پر رنگ جو نه ڪو احساس،
زندگي تو ٻنا اداس اداس.

هوليءَ جا رنگ ۽ گلال اوچتو ختم ٿي ويا هئا. ٽهڪن جي پڙاڏن کي ديوارن ڳڙڪائي ڇڏيو هو ۽ اداس ۽ سنسان فضا جي ساهه کڻڻ جو 'سانءِ ... سانءِ' آواز ڪمري ۾ ڦهلجي ويو هو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# زمين هوندي اِهائي...

٢٦ نومبر صبح جو موهن عادت موجب سوير اُٿي ونڊو ڊيلي نيوز واچيائين ته سندس دل ڪانه لڳي. هن کان ور ور ٽنڊو ساه پرچي پئي ويو. ڪراچيءَ ۾ گذاريل ڏينهن جا پل نهايت هلڪا ٿي گذري ويا هئا. ڪيس اَچا اِئين لڳي رهيو هو ته ڪالهه آيو هو ۽ اڄ واپس وڃي رهيو آهي.

دوستن وٽان مليل ڪتاب ميز تي ڍير پيا هئا. ڪلا اُورا ڪٺي، سندس سوٽ ڪيس ۾ وڌا ۽ چيو، "باقي اسين ڪٺي ايندا سين."

موهن جي سوٽ ڪيس ۾ ڇا پوي ۽ ڇا نه پوي، تنهن جو فڪر ڪيس ڪونه هو. ڪيس پنهنجا ڪپڙا به سهيڙي سوٽ ڪيس ۾ وجهڻ ڏکيو لڳي رهيو هو. البت رُوپ ۽ ٻارن لاءِ جيڪي ور تو هئائين سو ياد هوس. اوچتو موهن ۽ اسان لاءِ وقت ڀڳرو ٿي پيو.

ڏهين ٻجي ڌاري ماهتاب محبوب ۽ اِرم آيا. محبوب کي آخر پنهنجيءَ ڊيوٽيءَ تي به وڃڻو هو. هڪ ڏينهن ساڻن گهاريل گهڙين مان دل ته ڪانه ڀاهي هئي، پوءِ به هڪٻئي کان جدا ٿيڻو ئي هو. ماهتاب آئت ڏنو، "اَدا، اوهين هتان اُسهندا، اُن کان اڳ هڪ ڀيرو وري گڏباسين." پر خبر ناهي ڇو مون کي ائين پئي پيا ته ماهتاب يا ته پاڻ کي ڏڍ پئي ڏنو يا اسان کي. اسان وٽ به ته باقي ٻه ڏينهن هئا. اِنهن ٻن ڏينهن ۾ وري حيدرآباد

اچي شامل ٿي. عاشق عاربانيءَ پنهنجو اردو ڪلام ٻڌايو، مسدس چرچا ۽ ملڪان ملڪ مشهور آهن.

ڳالهين ڪندي مون تنوير کي چيو، ”تو ته گهڻو ڪي لکيو آهي. جيڪڏهن ڪجهه وقت بچائي سگهين ته هڪڙو ڪم پاڻ تي کڻون.“

”ڪهڙو؟“

”سنڌي شعر جي تواريخ لکڻ جو.“

تنوير مون سان هٿ ملائي، انجام ڪيو ۽ اسان فيصلو ڪيو ته ڪتاب جا الڳ الڳ باب ورهائي کڻنداسين. ورهاڱي بعد هند ۾ سنڌي شعر جي ترقيءَ جو باب منهنجي حصي ۾ آيو.

”هاڻ توهرو آرام ڪري پوءِ ڪم هٿ ۾ کڻندس. وڇڙائيءَ ۾ رڳو لکيو ئي لکيو اٿم“، تنوير چيو.

شعرن، مسڪراهٽن ۽ ٽهڪن جي اها محفل اٽڪل هڪ بجي صبح جو پوري ٿي. سليم جي ڪار ۾ هوٽل تائين پهتاسين ته ڏسون ته هوٽل جو مکيه دروازو بند آهي ۽ چوڪيدار اندر پريرو ڪونگهرا پيو هڻيا. مون کي ته لڳو ته اهو دروازو صبح تائين کونه کلندو پر سليم هٿڻي وڇي هنڌ ڪيو ۽ پهريدار کي جاڳائي دروازو کولائڻ ۾ سڦلو ويو.

صبح جي ڏيڍ بجي هوٽل جي ڪمري ۾ گهڙياسين ۽ ڇهين بجي جاڳڻو هو ڇو جو ٢٧ نومبر جو پروگرام ٻه ته سويل کان ئي شروع ٿيڻو هو! .

ڊاڪٽر هنگورائي پنهنجي پاران ٿي ڪيا ۽ هوءَ ڊاڪٽر ٿي نه، ڊاڪٽر مشڪلات سان ڪيس رپيهه رپي ڊاڪٽر هٿ ڪيا ويا. محمد دائود پولڪ سنڌيالي ۽ اُستاد محمد صالح ڀٽي جو. موسيقيءَ جي محفل جي خاص ڳالهه اِها هئي ته آزاد نظمن کي ڳائڻ جو دلخوش تجربو ڪيو ويو هو.

فنڪار شاهد اَياز جو ڪلام پيش ڪيو:

— قتل گهي آ ميندي منزل نمن جهليو آ پور،
— اولڙا اولڙا زندگي اولڙا …
۽ هي سنگرام، سامهون آ ناراڻ شيام.

اُن بعد فيومنس ڌمي بيدل مسرور جي ڳائڻ جي، هن هينيان ڪلام پيش ڪيا:

— خوشبوءِ جي سنگ سنگ رولاڪ بادل جيان …
بن بن ۾ پنڪاءِ پيو. (آزاد نظم - نصير مرزا)

— نون چوين ٿي ته نوان گيت لکان (راز نائڻ شاهي)

— چوي ڪيم تو نه نون ڪجهه نه ڪر. (شمشير الحيدري)

— اسان زوٽي دوٽي ڪلايو ٿي جن کي،
اکيلا جي آيندا ته پوئيندا ته هوندا، (امداد حسيني)

— سڄي ليا ٿي ملين ته چڇان ڇانڊٽي تو سوا نه تيدي،
اُچين نه منهنجي اُماس ۾ آ، چو ته بي راهت ڪاڻ
ايندي (آ.ز)

اهي گهٽيون ۽ چارا، اهي ٻنيون ۽ ٻارا سدائين وسندا رهن!
مون ڀريل دل سان پنهنجي ڳوٺ واسين کان موڪلايو.
ائين محسوس ٿيو ڄڻ پنهنجي ڳوٺ جي ڇهاءَ کان الڳ
ٿيس.

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



● موتي پرڪاش
● جنم ۱۹۳۰ع ڊڙو،
● حال رهندڙ دبئي

● سندس ڇپيل
ڪتابن ۾
آءُ ته چوريون چنگ،
ڏٺي ڏينهن ٽبام،
انڊر سيڪريٽري،
پردي اڳيان پردي
پٺيان،
انڌيرو اجالو
شامل آهن-

● سنڌ ۾ ڇپجندڙ سندس هي پهريون ڪتاب آهي-

● سندس پتو آهي:
پرنسيپال انڊين هاءِ اسڪول، پوسٽ باڪس ۱۰۶-دبئي
يو-اي-اِي.

سچائي اشاعت گهر- ڊڙو سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بڻائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

***سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:***

**https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book**